SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريه 2010

# SINDH ORDINANCE NO. V OF 2010

# سرڪاري زمينن جي نو آبادڪاري (ترميم) ايڪٽ، 2010

# THE COLONIZATION OF GOVERNMENT LANDS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2010

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. ايڪٽ V مجريه 1912 جي دفعه 10 جي ترميم

Amendment of section 10 of Act V of 1912

# سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريہ 2010

# SINDH ORDINANCE NO. V OF 2010

# سرڪاري زمينن جي نو آبادڪاري (ترميم) ايڪٽ، 2010

# THE COLONIZATION OF GOVERNMENT LANDS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2010

[12 جولائي 2010]

آرڊيننس جنهن جي ذريعي ڪالونائيزيشن آف گورنمينٽ لينڊس ايڪٽ مجريہ 1912 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڪالونائيزيشن آف گورنمينٽ لينڊس ايڪٽ مجريہ 1912 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ مقصود آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي

قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن کي سرڪاري زمينن جي نو آبادڪاري (ترميم) آرڊيننس، 2010 سڏيو ويندو.

(2) هيءَ في الفور نافذ ٿيندو.

ايڪٽ V مجريہ 1912 جي دفعہ 10 جي ترميم
Amendment of section 10 of Act V of 1912

2. ڪالونائيزيشن آف گورنمينٽ لينڊس ايڪٽ مجريہ 1912 جنهن کي هن کانپوءِ بہ ايڪٽ سڏيو ويندو، جنهن جي دفعہ 10 ۾ ذيلي دفعہ 5 کانپوءِ هيٺين جو اضافو ڪيو ويندو.

بشرطيڪ وڏو وزير ان معاملي ۾ تعليم ۽ صحت جي مقصدن جي لاءِ ڏنل زمين جي حوالي سان منصوبن جي پڄاڻي جي مدت ۾ توسيع ڪري سگهي ٿو جتي منصوبي جي پڄاڻي ۾ دير گرانٽ جي پاران ڪنهن لاپرواهي سبب نہ آهي.“

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**